**6**

# ماٺ

پڙهو، ڳايو، سمجهو.

ماٺ جي هڪ لفظ ۾، سپني سُکن جو سار آ،
”م“ ۾ آ ماکي مليل، ”ٺ“ ۾ سمايل ٺار آ.

ٿِي ماٺ ۾ ڏرتي هلي، ماٺِ ۾ سج چنڊ ڦِرن،
ٿا بِنا آواز جي، قانون قدرت جا ڇُرن.

ماٺ ۾ گُلشن ٽڙي، ۽ ماٺ ۾ گل ڦل ڪِلي،
آ اُها چوکي چَڱي، جا ماٺ ۾ مَحِفل هلي.

آ سدا سپ ڪان سُني، مُٺ پکوڙيل ماٺِ جي،
ڳالهہ جي نِکري اَندر مان، ٿي بُرائي بات جي.

ٿو ماٺِ ۾ مالڪ ملي، ماٺ ۾ ڪَرِ بَندگي،
هُل هنگامي ڪان پري، ڪاٽ پنهنجي زندگي.



## نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| ماٺ - خاموشي، سانت | بندگي - عبادت، پوڄا | ٺار - ٿڌاڻ، |
| هُل هنگامو - گوڙ شور | گلشن - باغ | ڪاٽ - گذار |
| ڪلڻ - ٽڙڻ، وڌڻ | پکوڙي رکڻ - بند ڪري رکڻ | بات - ڳالهہ |

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين جا هڪ جملي ۾ جواب لکو.**

١) ماٽِ جي لفظ ۾ ڪهڙو سارُ آ؟
٢) قدرت جو قانون ڇا آهي؟
٣) مُٺ کُلڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا ٻن ٽن جملن ۾ جواب لکو.**

١) گلشن جي محفل ڪيئن هلندي آهي؟
٢) مالڪ ڪيئن ملندو آهي؟

**سوال.٣. ڏنگين مان صحيح لفظ چونڊي خال ڀريو.**

١) ٿي ماٽِ ۾ .................... هلي، ماٽ ۾ ................. قِرن.
(سچ چنڊ، ڊرتي، سچ، چنڊ، گرھ)
٢) آ سدا سپ ڪان ................... ، مُٺ پڪوڙيل ماٽِ جي.
(خراب، غلط، سني)
٣) ................... ڪان پري، ڪاٿ پنهنجي زندگي.
(گوڙ شور، هُل هنگامي، شانت)

**سوال.۴. هيٺين لفظن مان ساڳي معني وارن لفظن جا جوڙا ٺاهيو.**

| | |
|---|---|
| ماٽ | ڏيرج |
| قانون | باغ |
| گلشن | گوڙ شور |
| هنگامو | خاموشي |
| صبر | قاعدو |

# پورڪ اَڀياس

**١) شعر بند تي مشغولي.**

ماٽ ۾ گلشن .................... برائي ٻات جي.

(الف) سدا لفظ جو ساڳيءَ معني وارو لفظ. [ ]


(ب) ڏنل لفظن جا ضد : سُني [ ] — اَندر [ ]

(ٿ) ’محفل‘ لفظ ڪٽي ڪو جملو لکو.

**٢) بيت ۾ ڏنل هم آوازي لفظن جا ٽي جوڙا لکو.**

**٣) ماڪيءَ جي مک بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکو.**

۴) بيت ۾ ڏنل ماٽ سان لاڳاپو رکندڙ قدرتي شين لاءِ هينيون خاڪو پورو ڪريو.




ڏسو جاچيو ۽ پڙهايو.

ايڪلويہ ۽ دروڻاچاريہ

هنومان ۽ وانر سينا



● شاگرد چتر ڏسي اُنهن جي باري ۾ آکاڻي / قصو مائٽن / اَڏياپڪن / اِنٽرنيٽ دواران ٻڌي / پڙهي اَچي ڪلاس ۾ پڙهائيندا.